ڊاڪٽر امير علي شاهه

# سُر سسئي آبريءَ ۾ وحدت الوجود

***Abstract:***

**Wahdat-ul-Wajood in Sur Sasui Abri**

*Shah Abdul Latif Bhattai (RA) laid great emphasis on the value of humanity in his versatile poetry. Shah taught the actual essence of reality around humanity. He stressed that one should not be ego-centric and should be content with one's ego through spirituality and mysticism. "Sur Sasui Abri" from Shah Jo Risalo illustrates Wahdat-ul-Wajood, the oneness of Allah and his presence in all human beings. Shah sahib teaches this particular concept through Sufism. "Sur Sasui Abri" teaches that Allah is omnipresent, the one who created the world and everything belongs to him. In oneness (Wahdat-ul-Wajood), one ought to be as crystal clear and pure as the reflection of God. The righteous one is always in search of truth and he is least bothered and interested in the worldly life and its affairs. It is imperative then to lose one's ego in order to reach such levels. This implies that she (Sasui) completely killed her ego and found what she was looking for.*

**وحدت الوجود** جي نظريي موجب رب پاڪ انسان کان ڏور ناهي، صوفين مطابق الله کان سواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ آهي، خدا هر شيءِ تي قادر آهي. اها ذات اول بہ آهي تہ آخر بہ آهي، باطن بہ آهي. دنيا جي هر شيءِ مالڪ حقيقي جي گواهي ڏئي ٿي تہ بيشڪ هو لاشريڪ آهي ۽ هن جو ڪو بہ مقابل ڪونهي. هن جي نہ شڪل نہ صورت آهي. جڏهن تہ انسان خدا سان محبت ڪرڻ جي درجي تي پهچي ٿو تہ هو بہ ساڻس محبت ڪري ٿو.

صوفين جو ڪائنات جي پالڻهار کي سڃاڻڻ وارو مقصد آخرڪار پاڻ سڃاڻڻ تي وڃي دنگ ڪري ٿو. يعني صوفي مت ۾ ڪائنات ۽





خدا کي سمجهڻ ۽ سچائي پروڙڻ لاءِ پنهنجي خودي ۽ نفس کي ختم ڪرڻ ۽ پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي بہ پنهنجي ڪلام ۾ وحدت الوجود جي فلسفي تي زور ڏيئي ٿو تہ جڏهن انسان پنهنجي ذات جي خودي کي ترڪ ڪري ٿو ۽ پنهنجي اندر کان ’مان‘ کي ڪڍي ڦٽو ڪري تڏهن ئي پنهنجي تن ۽ من ۾ سپرينءَ کي پسي ٿو. انهيءَ گس سان ئي انسان معرفت جي منزل کي رسي ٿو. ڇاڪاڻ تہ خودشناسيءَ کان پوءِ وڃي هو ان دعويٰ جي قابل بڻجي ٿو تہ هاڻي هو ٻين کي بہ سڃاڻي ٿو ۽ رب پاڪ کي سڃاڻڻ جي هام بہ هڻي سگهي ٿو.

شاهه لطيف هر دور جو شاعر آهي، سندس مقام، زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آجو آهي ۽ دنيا جي شاعرن کان بہ سندس درجو اعليٰ آهي، پر فن ۽ فڪر جي لحاظ کان سندس درجو نهايت مفڪرانہ ۽ مٿانهون آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪائنات جا ڪيترائي موضوع سمايل آهن. هن دنيا جي ذري ذري کي ڏاڍي ڪاريگري ۽ ڏاهپ سان پنهنجي فڪر وسيلي ظاهر ڪيو آهي.

شاهه لطيف جي عظمت جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي تہ انساني جذبن ۽ احساسن جي لحاظ کان تمثيلون، تشبيهون ۽ استعارا ڏئي ڪلام ۾ روحانيت ۽ تصوف جي رمزن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس، سندس رسالي جو هر هڪ سُر داستان، بيت ۽ سِٽَ انساني ڀلائيءَ ۽ بهتري لاءِ آهي. بيت پڙهڻ سان نہ فقط روح کي تازگي ۽ راحت حاصل ٿئي ٿي پر من مان مير بہ ختم ٿيو وڃي ٿو ۽ باطن آئيني وانگر اُجرو ٿيو پوي. لطيف سرڪار ٻين سورمين جي ڀيٽ ۾ سسئي لاءِ پنج سر ڳايا آهن.

۱. سر سسئي آبري
۲. سر معذوري
۳. سر ديسي
۴. سر ڪوهياري
۵. سر حسيني

انهن سرن جي ذريعي شاهه لطيف سسئي، ۽ پنهون جي قصي کي هميشه لاءِ

تاريخ ۾ امر ڪري ڇڏيو ۽ سسئيءَ جي ڏکن ڏاکڙن اهنجن کي انهن سرن ۾ سموهيو آهي. جڏهن لفظن کي ساز جو سات ملي ٿو ته پوءِ ماحول تي هڪ وجداني ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي. پاڻ بيخود ٿي سرن جي دنيا ۾ گم ٿي ويندا هئا. موسيقي سندس رڳ رڳ ۾ ساهه ۽ سرير ۾ سمايل هئي.

انهن سيني سرن ۾ سسئيءَ جي ڏکن ڏاکڙن، دردن، جدوجهد، محنت، صبر، همت، اڪيلي سر پرين کي ڳولڻ، دردن کي ساٿي سمجهڻ، وهمن ورسايو نه ته هوءَ پنهون پاڻ هئي، عشق جي اسات، سچ ساجن ڪارڻ قبولڻ، عاجزي، اڪيلي سر ئي حيلا هلائڻ، پنهون کي وڃائڻ، محبوب کي اندر ۾ ئي ڳولهي لهڻ، اندر جي سچي سڪ، طريقت جو ڏکيو پنڌ، جيءُ منو نه ڪرڻ، پرينءَ جي غم ۾ حجاب ۾ سينگار ۽ سونهن کي ترڪ ڪرڻ ، پاڻهي پنهون ٿي پئي ۽ هر شي ۾ ان ذات جو جمال ئي جمال نظر اچي ٿو، پاڻ وڃائڻ ئي پرين کي لهڻ آهي.

سسئيءَ جي انهن پنجن سرن مان سر سسئي آبري هڪ اهم سر آهي، هن سر ۾ پاڻ سڃاڻڻ جي فلسفي جو اظهار ٿيل آهي. جانب هر دم دل ۾ آهي، ان ذات جي جمال ٽر بر واسي ڇڏيا، هر هنڌ سندس حسن جو جلوو ئي نمايان آهي، جن دنيا جو عيش ڇڏيو ۽ مڙيئي لاڳاپا لاٿا، تن ئي پرين جو مشاهدو ماڻيو ۽ سندس ذات حقيقي کي پنهنجي پاڻ ۾ پاتو. طالب ۽ پرينءَ جي وچ ۾ خودي ئي حجاب آهي، محبوب حقيقي ته هر شيءِ ۾ سمايل آهي، سڀ ۾ هو پاڻ آهي.

ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي ترتيب ڏنل (رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي) ۾ سر سسئي آبري بابت لکي ٿو ته:

’آبري‘ لفظ ’آپري‘ ( ڪمزور يا ناتوان) جي مٽيل صورت آهي. هن سر ۾ سسئي جي ضعيفائيءَ جو ذڪر آيل آهي. انهي ڪري هن سر کي اهو نالو ڏنو ويو آهي“[1]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي نئين جامع سنڌي لغات جلد پهريون (ا-ڇ) ۾ آبري جي معنيٰ هن طرح لکي آهي:

” آبري: ث صفت ] سن ابلا (=نه = بل = بل = بي زوري،هيٺي. ابلا < آپري<





آبري) ابلا- اپري- ضعيف- هيٺي. اجايل(آب + ري) سڪايل. (ذ) شاهه جي رسالي ۾ هڪ سر جو نالو. شاهه جي راڳ ۾ هڪ راڳڻي جو نالو آهي.“[۲]

عبدالستار بلوچ، سنڌيڪا لغت ۾ لکي ٿو ته:

” آبري : ث سنڌ جي قديم موسيقي جو هڪ سر شاهه جي رسالي جو هڪ سر آهي.“[۳]

مطلب ته لفظ آبري جي معنيٰ آهي، هيٺي. شاهه صاحب سرسسئي آبري ذريعي ۽ سسئي جي زباني فرمائي ٿو ته: حقيقي ذات جو عڪس ڪنهن ٻئي هنڌ نه آهي، پر انسان جي اندر ۾ ئي وسي ٿو، پاڻ تلقين به ڪن ٿا ته معراج تڏهن حاصل ٿئي ٿو، جڏهن سندس اندر ۾ موجود نفس کي ترڪ ۽ وچ واري پردي کي هٽائبو. شاهه جي فڪر ۾ وحدت، ڪثرت، حيرت ، نفي، اثبات ۽ ذڪر جا راز سمايل آهن.

پاڻ کي وڃائي ۽ پرک ته مان آهيان ڪير؟ منهنجو وجود ڇا آهي؟ ۽ منهنجي تن من ۾ ڪهڙو عڪس موجود آهي؟ صوفين جو نظريو آهي ته: حقيقي ذات کي سڃاڻڻ ۽ خودي کي ترڪ ڪرڻ سڀ کان اوکو ڪم آهي. پر ان ذات کي سڃاڻڻ تمام سولو مرحلو آهي. در به اهوئي جهل جتان نعمتون نصيب ٿين، جنهن کي تون ڳولين يا تلاش ٿو ڪرين ان ذات جو جلوو ته هر هنڌ ۽ هميشه تنهنجي وجود ۾ سمايل آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

جـو تـو ڏورِئـيـن ڏُورِ، سـو سَـدا آهـي سـاڻُ تـو،
لالَـنَ لَءِ، لَـطِـيـفُ چـئـي، مَـنـجِـهـي تِـيُ، مَـعـذُورِ!
مَنجهان پَنئُن پَرُوڙِ، تو مَنجِهه آهِسِ تَڪِيو.(ص:۱۰۳)

اي هيٺي! تون محبوب سائينءَ لاءِ پنهنجي تن ۽ من ۾ ئي جهاتي پاءِ، ۽ پاڻ منجهان ئي ان حقيقي ذات جو سماءُ لهه، ان سائين جو عڪس ۽ ديرو تنهنجي ئي اندر ۾ ۽ تو ۾ ئي موجود آهي.

جڏهن انسان حقيقي مالڪ جو جمال پسڻ ٿو چاهي، ته اهو ذات پاڪ کي عاجزي ۽ انڪساري ڪري ٿو ۽ روئي ڪيس ريجهائي ٿو. انسان جيڪو حقيقي سونهن جي ساگر جو جزو آهي، سو ئي پاڻ سڃاڻڻ ڪان پوءِ مالڪ سان ملي وڃي ٿو. ۽ انهن مان

شڪ ۽ گمان بہ ختم ٿيو وڃي.

جن مجاز کان پوءِ حقيقي ذات جو جلوو ڏٺو، تن کي ئي سپرين جو وصال نصيب ٿيو ۽ پاڻ ۾ ئي پرين پسي ڏنائون.

وَهمَ وِرساياسِ، ناتَ پُنهون آئُون پاڻَ هُئِيي،
پاڻُ وڃايُمِ پانهنجو، پَئِيي پريان جي پاسِ،
رَتِي عِلمَ نہ راسِ، ڏاران پَسَڻَ پِريڻَ جي.(ص:١٠٨)

وهمن ۽ گمانن بي خبر ڪيو، نہ تہ پنهون آءُ پاڻ هيس، پرين تہ هر شي ۾ سمايل آهي. پاڻ سڃاڻڻ ڏاران هيو سڀ علم اجايو آهي.

سسئي چوي ٿي تہ : جڏهن پنهنجي خودي ترڪ ڪيم ۽ وجود وڃايم، تڏهن پاڻ ئي پنهون ٿي پيس.

پيهي جان پاڻَ ۾، ڪَيَمِ رُوحَ رِهاڻ،
تہ نَڪو ڏُونگرُ ڏيہَ ۾، نَڪا ڪيچِيُن ڪاڻَ،
پُنهون ٿِيَسِ پاڻ: سَسُئِي، تان سُر هُئا.(ص:١٠٧)

جڏهن مون غور ۽ فڪر ڪري پنهنجي اندر ۾ ئي جهاتي پاتي ۽ روح سان رهاڻ ڪيم، تان ئي سپرين پنهنجو ديدار پسايو، نہ جبلن ۾، نہ ڪيچ ۾ پرين تہ مون ۾ ئي سمايل هو.

لا اله الا انا فا عيدون: يعنيٰ ’ڪوئي بہ الله ڪونهي سواءِ منهنجي، منهنجي عبادت ڪريو، (يا مون کي سڃاڻو.)‘

چاڪاڻ تہ عبادت جي معنيٰ معرفت يا سڃاڻڻ بہ آهي. شيخ محي الدين ابن العربي چوي ٿو تہ: ”فيصمدني واحد واعبده“ (هو مونکي ساراهي ٿو ۽ هو مونکي پوڄي، سڃاڻي ٿو ۽ آئون ڪيس پوڄان ٿو(سڃاڻان) ٿو.“(٤)

پرين رلڻ، پڇڻ ۽ ڳولڻ سان نٿو ملي پر پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائڻ سان جانب جو جلوو پسجي ٿو، چاڪاڻ تہ هو ڪو ٻئي هنڌ نہ آهي.

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇِين ڪوُهہ پَهي؟





وَفِي اَنفُسِكُمۡ اَفَلا تُبۡصِرُوۡنَ، سُوجهي ڪَر سَهي،
ڪَڏهِن ڪا نہ وَهِي، هوتُ ڳولَڻَ هَٿَ ٿي.(ص:١٠٨)

حقيقي ذات تو ۾ ئي آهي، تون وري ٻين کان پئي پڇين ٿو؟ سندس مختلف صورتون ۽ نشانيون اوهان جي اندر ۾ ئي آهن، پوءِ ڇو نہ ٿا جاچي ۽ نظر ڪريو.

هوتُ تُنهنجي هَنجَ ۾، پُڇين ڪُوهہ پَرياڻ؟
وَنَحۡنُ اَقرَبُ اِليهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ، تُنهنجو توهين ساڻُ،
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجيبَنِ ڪي.(ص:١٠٨)

سڄڻ اوهان جي اندر ۾ ئي آهي، پرينءَ کي سڃاڻڻ جو گس ڪنهن ٻئي کان نہ پڇ. الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ: (اسين انسان کي سندس شہ رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون.)

”هن ڪائنات ۾ جو ڪجهہ نظر اچي ٿو، اهو سڀ ڪجهہ خدا جو ظهور آهي. هر شي مظهر ذات ۽ صفات آهي. مثال، گلن ۾ خوشبو ان ڪري ئي آهي. جنهن طرف ڏسو اهو ئي نظر اچي ٿو.

قرآن پاڪ ۾ رب ڪريم فرمائي ٿو تہ : سج جي چمڪ دمڪ ۾ ئي منهنجو نور آهي. چنڊ جي روشني ۾ مان ئي سمايل آهيان . باهہ جي گرمي ۽ روشني منهنجي ئي وجود سان آهن.

مان ڪائنات جي هر شي کي سهارو ڏيان ٿو، هيءَ ڪائنات منهنجي ئي ڪري قائم آهي. ۽ مان ئي پوپٽن کي زنده رکان ٿو.

مان سيني دلين ۾ پوشيده آهيان. انسانن ۾ حافظي جي قوت ۽ ادراڪ جي قوت منهنجي ڪري ئي آهي.“(٥)

سالڪ هميشه حق جي ڳولا ۽ ان جي جستجو ۾رهي ٿو، هر حال ۾ رب جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ مالڪ جي حڪمن مطابق هلي ٿو.

سسئي بہ حق جي طالب آهي. سندس ڪردار هڪ اهڙي حق شناس جي عڪاسي آهي. جو حق جي راهہ ۾ ڪشالا ٿو ڪڍي ۽ سختيون ٿو سهي پر پوئتي موٽڻ جي نٿو ڪري ،هو محبوب جي تلاش ۾ بڪ ۽ اڄ کي سيج تصور ڪري ٿو. هي پنڌ اهو

ڪري جو پنهنجو جيءُ منو نہ ڪري، مطلب تہ جن جي اندر ۾ عشق جي آگ آهي سي ئي جبل جهاڳين ٿا.

سَڌائِتِي سَيَڪا، ٻُڪَ نہ پاروتو ڪا،
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جِي، جُنبَشِ ڪانهي ڪا،
مون سين هَلي سا، جا جيُّ مِنو نہ ڪَري.(ص:١٠٥)

پرينءَ ڪي اهي ئي سچا سالڪ حاصل ڪن ٿا، جيڪي مجازي دنيا کان پاڻ کي ڌار رکن ٿا ۽ دلبر ڏانهن دل ۽ روح سان لاڳاپو رکن ٿا.

ووڙيمِ سَڀ وَڻاڻَ، يارَ ڪارڻ جَتَ جي،
اللهُ بِڪُلّ شَئٍ مُحِيطُ، اي آرِياڻيءَ اُهڃاڻَ،
سَڀَ ۾ پُنهون پاڻَ، ڪِينهي ٻيو ٻَروچَ ري.(ص:١٠٨)

حقيقي سپرين جي ڳولا ۾ هر هنڌ ۽ هر مڪان جاچيم، پر ان ڏٺي جو عڪس تہ هر شيءِ جي چوگرد آهي. ان سائين جو نشانيون تہ سڀ ۾ سمايل آهن.

هتي هر شيءِ فاني آهي، هن جي ذات ۾ زندگي جو بقا آهي، پنهنجو پاڻ مٽائڻ سان صوفي جو وجود حقيقي معنيٰ ۾ ختم نٿو ٿئي، مگر هن جي انفراديت يا وجود جيڪي الاهي عنايت آهي، سو قائم رهي ٿو، بلڪ عامل ٿئي ٿو ۽ زندگي حاصل ڪري ٿو. مگر پنهنجي حقيقي خالق ۽ محبوب سان ملڻ بہ ڪو آسان ڪم نہ آهي، ان لاءِ امتحان ۽ آزمائشون آهن، مگر عاشق ڪي هي مصيبت مٺي ٿي لڳي. جڏهن روح محبوب سان ملي ٿو تہ پوءِ هن ڪي انفرادي دائمي زندگي ملڻي آهي. ان بعد الله تعاليٰ طرفان سڀ نعمتون عطا ٿينديون .

بقول حضرت جنيد بغدادي جي ”صوفين جي هي ساري جدوجهد ۽ جاکوڙ ان واعدي کي ڪرڻ ۾ محبوب حقيقي سان ملڻ لاءِ آهي. جنهن بعد انسان کي ابدي زندگي عطا ٿيندي.“(٦)

سسئيءَ جي محبت بہ پنهنجي هوت لاءِ لازوال هئي. ڪيس رائي ۽ رڃن جو سفر بہ رنجور ڪري ڇڏيو. هو لڪ لانچيندي ۽ ٽڪر ٽاڪيندي ، محبوب جي ڳولاءِ ۽ ڪيچ طرف ڪاهيندي پئي وڃي ۽ ڏکن ڏاڪڙن سان پرينءَ جو ديدار ڪيائين.





رائي ڪي رَنجُورَ، ٽَڪَرَ ٽوءِ ٽاڪيو ڇڙهي،
لانچي لَڪَ لَطيفُ چئي، هَلي ڏانهن حُضُورَ،
رَهيا سَڀِ رُجُنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ،
ساڄَنُ ميڙيُسِ سُورَ، سُکَ نہ ميڙيُسِ سُپرِين.(ص:١١٢)

سسئيءَ جي محبت بہ پنهنجي هوت لاءِ لازوال هئي، سندس سپرين جي غم، حجاب، سينگار ۽ سونهن کي ترڪ ڪيو تہ پاڻ ئي پنهون ٿي پيئي.

ويئي سُونهَن سَسُئِيءَ جِي، پُنهون ٿِيَسِ پاڻَ،
سَيِنِ جِي سَيّدُ چئي، آهي اُتِ اُماڻَ،
يَنيورَ جا ياڻَ، آڏا عَجيبَنِ کي.(ص:١٠٨)

سسئي ڪي پهاڙن ،جبلن ۽ رڃن جي پنڌ ڦٽي ڇڏيو،سونهن ۽ سينگار بہ وڃايو. جانب لاءِ جبلن ۾ پئي جلي،ڏک ئي ڪيس محبوب سان ملايو.

ويتي وَرِ نہ پَوَنِ، سُتي مِلَن نہ سُپرين،
جي مَتي رَندَنِ رُئَنِ، ساڄَنُ مِلي تن کي.(ص: ١١٢)

سچي سالڪ کي پرين جو وصال رلندي، روئندي، تڙپندي، خودي کي ترڪ ڪرڻ سان ئي ملي ٿو، نہ ئي ويهڻ سمهڻ ، جاڳڻ ۽ سکن سان ملي ٿو.

صوفين جو عشق رب لاءِ هوندو آهي، جيڪو حقيقي ۽ حق آهي. تہ پوءِ جنهن ۾ الله جو جلوو ۽ نور نظر اچي ٿو. انهي سان صوفي محبت ڪري ٿو ۽ انهي ۾ ئي هن جي اصليت هن کي ان ذات جو سماءُ پاڻ کان ئي پيچ.

وَڃين چو وَٽڪار؟ هتِ نہ ڳولئين هوتَ کي،
لِکو ڪِينَ، لَطِيفُ چَئي، ٻاروچو ٻئي پارِ،
ٿيُ سَتِي، ٻَڌُ سَندرو، پرتِ پُنهونءَ سين پارِ،
نائي نيڻَ نِهارِ، تو ۾ ديرو دوستَ جو.(ص: ١٠٣)

اي سسئي! تون وٽڪار طرف چو ٿي وڃين؟ پنهنجي دلبر کي پاڻ ۾ ئي ڳول، تنهنجي پريتم جو آستانو تو منجهہ ئي آهي.

” صوفين لاءِ تہ سندس عبادت ئي اهو عشق آهي تصوف نالو ئي آهي عشق

جو ۽ اهو عشق صرف انسان ئي ڪري سگهن ٿا.

’ ناهي ميسر ملڪن،اها امانت عشق جي.‘

اهو عشق انسان جو معراج آهي، اهو درد دل ڪن ٿورن ڪي نصيب ٿيندو آهي. اها عشق جي سعادت هر ڪنهن ڪي نصيب نه ٿيندي آهي،جند جان قربان ڪرڻا پوندا آهن.“(٧)

پنهنجو اصل مقام حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل جاکوڙ، جدوجهد ۽ لاڳيتيءَ ڪوشش جي ضرورت آهي، پاڻ سڃاڻڻ لاءِ من مان ٻيائيءَ جو سمورو مير ڪڍي اندر کي اجرو ڪرڻو پوندو.

سَيِئي ساري، سَسُئِي! گَهر ڪُندبُون تون گهورِ،
وڃي ڏُورِ مَ ڏورِ، دَرا مَنجهه دوسِتُ ٿيو.(ص:١٠٣)

اي سسئي ! پنهنجي گهر جا سمورا پاسا ۽ ڪندون جاچي ڏس، پر سڄڻ سائين کي پاڻ کان پري وڃي نه ڳول ڇاڪاڻ ته محبوب تنهنجي من ۾ ئي موجود آهي.

ساجَنَ ڪارَڻ سُڃَ، مَرُ قَبوُلي سَسُئِي،
اَندرِ جنين اُڃَ، پاڻي اُجيو اُنِ کي.(ص:٩٩)

عشق به عجيب چيز آهي! حقيقي عشق جو پنڌ نسورو ئي سڃ آهي، پر عاشق ساجن ڪارڻ سڃ قبول ڪن ٿا، جن جي اندر ۾ عشق لاءِ اڃ آهي تن لاءِ پاڻي کي به اڃ آهي.

جانب ته انسان کي ساهه کان به ويجهو آهي، پرين ٻئي ڪنهن هنڌ لڪل نه آهي، پنهنجي اندر ۾ ئي موجود آهي. رڳو ساڻس پريت نباهڻي آهي، حقيقي عشق جي گس ۾پاڻ وساري هلڻو آهي، سپرين ڏانهن وينديءَ عاجزي کي اڳيان ڪرڻو آهي.

دوسِتُ ڏِنائين دِل سين، ورچي نه وِهي،
لانچي لَکَ، لَطِيفُ چئي، پَهڻِن مَنجهه پهي،
سَندي نينهَن نِهي، کِي سرَفِرازُ سَسُئِي.(ص:١١٦)

روحاني گس ۾ مرشد جون آکيون ئي سچي سالڪ جي رهنمائي ڪن ٿيون،





ڇاڪاڻ ته طالب بي نور آهي، سڏ ڪجي ته سڄڻ ڪي ڪجي،هلجي ته به ڏانهنس هلجي.

سَـڏَ مَ ڪَـرِ سَـڏِن ري ، هَـلَـڻَ رِءَ مَ هَـلُ،
جَـلَـڻُ رِءَ مَ جَـلُ، رُئَـڻَ رِءَ مَـتـان رُئـيـن.(ص:١١٩)

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ذريعي انسان ذات جي اصلاح ڪئي آهي. حقيقيءِ دنياوي رمزن کان واقف ڪيو آهي، انسان کي پنهنجي نفس ۽ خودي کي فنا ڪرڻ جي تلقين ڪئي اٿس.

مطلب ته ڀٽائي گهوٽ سر سسئي آبري ۾ وحدت الوجود جي صوفيانه فڪر جي اپٽار ڪئي آهي ته جيڪو ڪل ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي، سوئي هر هنڌ موجود آهي. وحدت الوجود ۾ پنهنجي باطن کي ايترو ته اجرو ڪرڻو آهي، جو ان ۾ خدا جو روپ پسي سگهجي. سچو طالب هميشه عشق جي عميق ۾ ٻڏل رهي ٿو. اهو ظاهري دنيا کان نفرت ڪري ٿو، پنهنجي هستي وڃائڻ سان سپرين جو جمال نصيب ٿئي ٿو. يعني سسئي پنهنجي پاڻ کي وڃائي (پنهنجي نفس ۽ خودي ماري) پرين کي ڳولينديءَ پنهنجي تن ۽ من ۾ نهاريائين ته سپرين ڪيس ديدار ڪرايو، ته پوءِ پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان سورهيا.

## حوالا


١. آڏواڻي، ڪلياڻ، ’رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠٤ع ،ص: ١٥٢.
٢. بلوچ ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر ، ’نئين جامع سنڌي لغات‘، جلد پهريون (ا-ج) سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، ٢٠٠٤ع، ص : ٥.
٣. بلوچ، عبدالستار، (تقديم) پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا، ’سنڌيڪا لغت‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ٢٠٠٦ع، ص : ١٤.
٤. مرزا، ممتاز ، (مرتب) لطيف لاٽ، مقالو، دائود پوٽو، علامه عمر بن محمد، ’ڀٽائي جي ڪلام ۾ وحدت الوجود‘ ، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع، ص : ١٥٦.
٥. چاندواڻي، آسودو مل (مرتب) اسر اوڃن ڏانهن، چشتي، يوسف سليم، پروفيسر، شريم ڀڳو گيتا ۾ تصوف لواري شريف ادبي ڪميٽي، ٢٠١٣ع، ص: ١١٧.
٦. پرڳڙي، عبدالغفور، زندگي جو سفر، (رومي، شاهه ۽ اقبال) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ٢٠٠٠ع، ص: ١٩ ۽ ٢٠.
٧. حسين فهميده، ڊاڪٽر ، ’اديون آءُ اڇاڻ‘، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع، ص: ١٩٦.


**نوٽ:** هن مقالي ۾، سمورا بيت هيٺين رسالي تان ڪنيا ويا آهن:

* آڏواڻي، ڪلياڻ، ’شاهه جو رسالو- مڪمل‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.